**شير مهراڻي**

# وجوديت ۽ شاهه لطيف

***Abstract***

*Shah Abdul Latif Bhitai is great poet of Sindhi Language, he considers man as his representative on earth. Thus, man in his poetry is considered as a living being, he can conquer Time, Space and other Natural and man made things. Man being the chief thing on earth. Such quotations have been given from 'Risalo' of Shah Latif.*

*In twentieth century, we come across with the philosophy of 'Man', being a chief of creator on Earth. Existentialism is the name given to such philosophy. The profounders of above philosophy are SARTRE, as a chief along with a few other names. Their efforts and creative activity have been given in nut Shell.*

*Shah Latif being a philosopher pertaining to 17th Century has given much about man. In 20th Century, man has been declared as pivotal figure in Europe. Thus we are at liberty to declare Shah Latif as profounder of Existentialist philosophy and feel on such achievement and scholarly approach.*

**وجوديت** هڪ اهڙو فيلسوفياڻو رنگ آهي، جنهن ۾ پاڻ سڃاڻڻ ۽ فرد جي داخلي مٿيرائپ ۽ اتم پٽي جي ڳالهه علامتي تناظر ۾ پيش ڪئي وڃي ٿي. وجوديت نه رڳو هڪ هاڪاري سرگرمي ۽ فلسفو آهي، پر اهو هڪ "عملي دائرو" (Practical Ring) يا سرڪل پڻ آهي، جنهن ۾ انسان ڪيترين ئي اهم جبلتن سان مهاڏو اٽڪائي ٿو ۽ انهن جبلتن جي آڌار تي پاڻ سڃاڻڻ ۽ پاڻ مڃائڻ جي ڪيترن ئي مرحلن مان گذري، نيٺ پنهنجي وجود ۽ وجودي سگهه ڪي مڃائي ٿو. جڏهن انسان کي پنهنجي هجڻ جو احساس ٿيو ته هن پنهنجي وجود کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پاڻ کان سوال ڪيو ته ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي؟ سندس ان سوال ۾ اهو امر بهرحال موجود هو ته هو ڪجهه ڪري سگهي ٿو. پاڻ سڃاڻڻ لاءِ مختلف مرحلن مان گذري، فرد پنهنجي سمجهه ۽ ڏاهپ جي آڌار تي پنهنجو وجود يا "موجود هجڻ" طئي ڪري ورتو. جنهن جي لاءِ سارتر ٽي قسم ڏسي ٿو:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جن مان - Being other than itself ۽ Being in itself, Being with itself وجود يا هئڻ (Being in it self) تہ ٻيون شيون بہ رکن ٿيون، پر انهن کي سندن وجود جو احساس نہ آهي، اهو احساس فقط Being with itself سان ممڪن آهي، جيڪو رڳو انسان وٽ آهي. انسان بيشڪ آزاد آهي، پر هو پاڻ کان سواءِ ٻين وجودن جي موجودگيءَ ۾ مڪمل آزاد نہ آهي. سارتر چواٽي: "'غير شائستگي ' (Vulgarity) هڪ اهڙو احساس آهي جيڪو صرف ٻين جي موجودگيءَ ( being other than itself) ۾ ٿيندو آهي." يعني انسان جڏهن بہ ٻين (وجودن/پاڻ جهڙن انسانن) آڏو نامناسب سمجهيو ويندڙ عمل ڪري ٿو تہ ڪيس ائين ڪرڻ ۾ لڄ ايندي. فرد لچارو فقط ٻين جي سامهون ٿيندو آهي، پر پاڻ کان لڄ اچڻ صرف شاعراڻو استعارو آهي. ٻي صورت ۾ وجوديت ڪنهن بہ قسم جي ڏاڍ ۽ تقديريت جي حق ۾ نہ آهي. وجودين آڏو انساني وجود ئي سڀ ڪجهہ آهي. سندن چوڻ آهي تہ انساني ڪائنات کان سواءِ ڪا بہ ڪائنات نہ آهي، ۽ اهائي اصل ۾ انسان دوستي آهي، جنهن هيٺ هو انسان کي خاطري ڪرائين ٿا تہ انسان کان سواءِ سندس لاءِ ڪو بہ قانون نٿو جوڙي سگهي.00 اسان چئي سگهون ٿا تہ وجوديت انسان جي وجود سان گڏ ئي وجود ۾ آئي آهي. ٻين گهڻن لاڙن، خيالن، تصورن ۽ عنصرن وانگر وجوديت جو تصور بہ ان جي فيلسوفياڻي حيثيت ۾ اچڻ کان گهڻو اڳ موجود هو. ڪرڪيگارڊ اهو پهريون فيلسوف هو جنهن کي وجوديت جو باني مڃيو وڃي ٿو. هو پنهنجي فلسفي لاءِ چوي ٿو تہ ڪيس ڊپ آهي تہ ڪانئس پوءِ سندس فلسفي کي غلط رنگ ۾ ڏنو ويندو، ڇاڪاڻ تہ ماڻهو سندس فلسفي کي سٽن ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا جڏهن تہ سندس فلسفي کي سمجهڻ لاءِ عقل کان وڌيڪ تخيل ۽ وجدان جي ضرورت آهي. 1 ڪريڪيگارڊ پنهنجي ڪتاب "Either/Or" ۾ زندگيءَ کي ٽن مرحلن ۾ ورهايو آهي. سندس خيال ۾، " هڪ فرد جمالياتي ڪيفيتن مان گذري؛ اخلاقياتي عالم ۾ پهچي ٿو ۽ پوءِ روح جي ابديت جي ڳولها ۾ لڳي وڃي ٿو."2 ڏاهپ جي دنيا جي ڪيترن ئي دانشورن؛ وجود ۽ وجودي وارداتن تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو، پر سارتر کي اهو پهريون فيلسوف مڃيو وڃي ٿو جنهن باقاعدي پاڻ کي وجودي فيلسوف سڏائڻ شروع ڪيو. سندس فڪر نج غير مذهبي هو. هُو ڪنهن بہ مذهب جي پيش يا طئي ڪيل پابندين ۽ دائرن جو قائل نہ هو، پر سارتر جي ابتڙ ڪريڪيگارڊ نہ صرف خدا جي وجود کي مڃي ٿو، پر سندس خيال آهي تہ انسان جي وجود جو "اصل"

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

خدا جو ئي وجود آهي، هو خدا کي "پرفيڪٽ بينگ" سڏي ٿو.

عام خيال آهي ته، وجودي فيلسوفن جماليات جي ڏس ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي. نٽشي ۽ ڪريڪيگارڊ ٻه اهڙا فيلسوف آهن جن ويهين صديءَ ۾ وجوديت کي هڪ ڏار فلسفي طور نه صرف سامهون آندو بلڪ هنن پاڻ موکيو ۽ مڃايو. وجودي جماليات جي ڏس ۾ جن ٻين فليسوفن ۽ اديبن ڪارناما ڪيا انهن ۾ سارتر، هائيڊيگر، گئبريل، سائمن ڊي ٻوار ۽ ڪاميو پهرين صف ۾ اچن ٿا.

وجودي ڏاهن جو خيال آهي ته، انسان هڪ اعلي وجود جي حيثيت سان ٻين وجودن سان ٽڪراءَ ۾ اچي ٿو، پر ان ٽڪراءَ جي باوجود هو پاڻ کي سوپارو ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي ٿو ۽ پنهنجو وجود مڃائي ٿو. ائين موجود ته ٻيون به ڪيتريون ئي شيون آهن، پر انهن شين کي پنهنجي هجڻ جو احساس ۽ ادراڪ نه آهي. انسان اهو واحد وجود آهي جيڪو نه صرف پنهنجي هجڻ جو احساس رکي ٿو بلڪ ان احساس هيٺ ھُو مختلف هاڪاري سرگرميون پڻ سر انجام ڏئي ٿو. ادب پڻ انهن سرگرمين جو حصو آهي، نتيجي طور وجودي جماليات وجود ۾ اچي ٿي. وجودي ڏاهن جو خيال آهي ته، انساني وجود هڪ "وجود" کان سواءِ ٻيو به گهڻو ڪجهه آهي، ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي ڏاهپ جي بنياد تي ڄاڻي ٿو ته هو ڇا آهي؟ ۽ ڇا ٿي سگهي ٿو؟ ۽ ڇا ڪري سگهي ٿو؟

"Existence indicates the special way in which human beings are in the world, in contrast with other beings. For the existentialists, the human being is "more" than what it is: not only does the human being know*that*is but, on the basis of this fundamental knowledge, this being can choose*how*will "use" its own being, and thus how it will relate to the world."3

ناليواري وجودي ڏاهي سارتر جو فلسفو اهو ئي آهي ته، دنيا ۾ موجود ٻيون شيون صرف شيون آهن جڏهن ته انسان هڪ شيءِ کان وڌيڪ ٻيو به گهڻو ڪجهه آهي. اها صورتحال وجوديت کي جمالياتي رُخن سان ڳنڍي ٿي. ڇاڪاڻ ته جمالياتي ڏاهن جو خيال آهي ته، فن انسان جي آزاد سرگرمي آهي ۽ اهوئي فن جماليات جو تمام وڏو حصو آهي. وجوديت بحيثيت سماجي تحريڪ جي موجود حالتن جي ابتڙ هئي.

"Existentialism" is an intrinsically reactive movement of thought, one 4"which has point only in opposition to the tradition.

5"Don't listen to those who offer you supernatural expectations."

جنهن مان سندس مراد "انساني وجود" سان گهٽي ويجهڙائپ ظاهر ڪرڻ ۽ ڪنهن به قسم جي خارجي سگهه جي پابنديءَ کان پاڻ کي آجو ڪرڻ هئي. ھُو انسان جي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

داخلي سگهه کي اپارڻ جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ انسان کي پنهنجي ادراڪي سگهہ ۽ فن وسيلي هاڻي پنهنجا معاملا پاڻ نبيرڻا پوندا. نٽسي چوندو هو تہ "جڏهن مون کي خبر پوي ٿي تہ فلاڻو ماڻهو مذهبي آهي تہ آءٌ ساڻس ڪو بہ لاڳاپو نہ رکندو آهيان."6 ڪريڪيگارڊ وانگر هو پڻ عيسائيت جو سخت مخالف هو. سندس چوڻ هو تہ جنهن ملڪ ۾ صليب جو مڪروهہ وڻ آهي، ان ملڪ ۾ ڪا بہ سٺي ڳالهہ نٿي ٿي سگهي. وجود جي خيال کان شاپنهار، نٽشي ۽ سارتر لڳ ڀڳ ساڳين خيالن جا فيلسوف هئا.

وجودي ڏاها ٻن گروهن ۾ ورهايل آهن. هڪڙن جو خيال آهي تہ انسان کي پنهنجي وجود جي آڏو ٻي ڪنهن بہ ڌارئي وجود جي ڪا بہ حيثيت نہ مڃڻ گهرجي، پلي اهو پوءِ خدا جو وجود ئي ڇو نہ هجي. جڏهن تہ ٻين ڏاهن جو خيال آهي تہ انسان کي ماورائي سگهہ(خدا) کان پاڻ کي ڌار نہ ڪرڻ گهرجي، ائين ڪرڻ سان هو ڏچن ۾ ڦاسي پوندو. پاسڪل (1623-1662ع) جو چوڻ هو:

"انسان خدا کان پرتي ٿي روحاني اذيت جو شڪار ٿي وڃي ٿو. ڪيس خدا سان سڌو سنئون لاڳاپو ڳنڍڻ سان ئي سڪون ملي سگهي ٿو."7

بام گارٽن اهو پهريون ڏاهو هو جنهن جماليات کي فلسفي جي هڪ ڌار شاخ جو درجو ڏنو ۽ ان لاءِ Aesthetica جو لفظ پيش ڪيو. هيءَ فلسفي جي اهڙي شاخ سمجهي ٿي وئي، جنهن وسيلي حسي ادراڪن جي آڌار تي شين جي ظاهري طور ممڪن بنائڻ سان گڏوگڏ انهن جو تجزيو پيش ڪرڻ هو. انساني وجود جي قدرن ۾ جماليات کي اهڙو قدر مڃيو ويو آهي جيڪو پڻ ٻين قدرن سان ٻڌل آهي، جيئن اڳاٽي دور ۾ سونهن کي نيڪي سان مشروط رکيو ويو.

"Among the values of human existence, esthetics is a value bound to other values. For example the connection of beauty with goodness we find in "8many cultures.

وجودي جماليات جي لاءِ اهو تصور پڻ عام آهي تہ وجودي جماليات جون اصل پاڙون ڪانٽ جي جماليات بابت پيش ڪيل نظرئي ۾ آهن.

"Existentialist aesthetic thinking inevitably has to be traced back to the aesthetic theory of Kant."9

ڪانٽ جي جمالياتي نظريي جو مرڪزي نقطو اهو آهي تہ سونهن اهو شعور آهي، جتي احساس ۽ ڏاهپ هڪ ٻئي سان ٻٽ parallel بيٺل آهن، يعني هو احساسن ۽ عقل کي هيڪاندو ڪري ڪٽي هلڻ وارو ڏاهو هو.

هن وقت جيتوڻيڪ وجودي جماليات؛ جماليات جي جديد تصورن مان گهڻن جي ابتڙ آهي، ڇاڪاڻ تہ وجودي جماليات جون پاڙون تاريخي ۽ ثقافتي جماليات ۾ کتل آهن ۽ وجودي جماليات مابعدالطبعيات جي انهن پيچرن سان ڳنڍيل آهي جيڪي سڌي طرح انساني ڏاهپ ۽ وجدان سان همڪنار آهن.

“Existentialist aesthetics is intimately connected to certain metaphysical views, and it owes its richness and consistency to the fact that it is part of a complex and coherent philosophical system.”10

مابعدالطبعيات جو لاڳاپو انسان جي ان خارجي دنيا سان آهي جنهن سان انساني وجود بنا ڪنهن نظر ايندڙ ڏاڳي جي ٻڌل آهي. مابعدالطبعيات ڪائنات، خدا ۽ فرد جي وحدت جي حق ۾ آهي، جنهن هيٺ سڀ ڪجھ “هڪ” آهي. ساڳي ڳالھ برک وجودي فيلسوف هائيڊيگر پنهنجي مشهور ڪتاب “وجود ۽ وقت” (Time and Being) ۾ لکي ٿو:

Metaphysics thinks being as a whole – the world, man, God – with ” respect to Being, with respect to the belonging together of beings in Being.”11

هائيڊيگر سان گڏ ٻين بہ ڪيترن ئي ڏاهن، جهڙوڪ: ڪانٽ وغيره جو خيال آهي تہ، وجود کي ٻين سيني شين کان برتر هجڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اهو وجود پنهنجي وجود کانسواءِ ٻين شين جو گهرجائو نہ آهي. ڪيس صرف مطلق هستيءَ (خدا) سان سلهاڙيل هئڻ گهرجي. سيد عالم شاھ پنهنجي مقالي Conception of Time And Being In The Transcendent Philosophy Of Mullah Sadra, ۾ لکي ٿو:

“Being must be prior to all things; because simple being is absolute unity which does not require otherness for its existence. This in turn concretizes the relationships between the God (one) and plurality (many) through pure reality”.12

يعني انساني وجود صرف ان ڪري اتم آهي جو اهو ڪنهن ماورائي هستيءَ(خدا) سان لاڳاپيل آهي، ۽ ان حقيقت جو ادراڪ وجودي فلسفي وسيلي ئي ممڪن آهي.

مطلب تہ انساني وجود “سپر بيئنگ” اعليٰ ترين وجود جي ڇانو ۾ پلجي ۽ نپجي ٿو ۽ جسماني طور مڪمل بڻجڻ کان پوءِ بہ انسان کي ان “سپر بيئنگ” جي گهرج پوندي رهي ٿي. ان تصور سان نہ مذهبي وجودي فيلسوف، جهڙوڪ: گئبريل تہ متفق آهي، پر ان جي ابتڙ سارتر جو چوڻ آهي تہ انساني وجود پنهنجي آزاد حيثيت سان ڪنهن بہ لا متناهي سگھ جي اثر هيٺ نٿو رهي، نہ ئي ڪيس اهڙي صورت ۾ رهڻ گهرجي. فرد کي عقيدي جي ڏٻڻ ۾ ڦاسڻ نہ گهرجي. جرمن فيلسوف نٽشي پڻ “سپر

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مين" جو تصور پيش ڪري؛ ساڳي خيال کي هٿي وٺرائي ٿو.

توڙي جي ٻنهي مذهبي ۽ غير مذهبي فيلسوفن جي وچ ۾ هڪ وٿي آهي، پر پوءِ به انهن ٻنهي نقطئہ نظر رکندڙن جا پوئلڳ ان ڳالھ تي متفق آهن تہ انسان پنهنجي فني سگھ وسيلي جماليات جا اهڙا مينار خلقي سگھي ٿو جنهن ۾ سندس وجود هڪ آزاد حيثيت سان موجود هوندو. يعني مذهبي ۽ غير مذهبي وجودين ۾ جيڪڏهن ڪا هڪجهڙائي آهي تہ ان جو لاڳاپو جماليات سان آهي. جماليات ئي هڪ اهڙي مالها آهي جنهن ۾ بہ مختلف نظريا رکندڙ ڏاها خوشيءَ سان پاڻ کي پوئين ٿا ۽ انهن ٻنهي مڪتبہ فڪر جي فيلسوفن کي ان هيڪڙائيءَ جي ڏور ۾ پوئڻ وارن ڏاهن ۾ جرمن فيلسوف هيسرل ۽ سندس شاگرد مارٽن هائيڊيگر اهم ڪردار ادا ڪيو.

ٻئي پاسي سارتر جي فن بابت ڏنل وصف کي سيني ڏاهن قبول ڪيو، جنهن ۾ هن چيو تہ:

much as it requires as "An imaginary presentation of the world in human freedom."13

جڏهن تہ روسي فيلسوف ۽ ناول نگار گرياڪولوف( (Alexei Griakalov چوي ٿو تہ، وجود کي صرف جمالياتي عمل وسيلي ئي صحيح طور اظهاري سگھجي ٿو.

"Only in the aesthetical function is the fullness of existence represented. A desire to be something more than merely art, science, or criticism presupposes a particular vision of the world. Art is understood as a symbolic activity introducing order into the world, and at the same time as an experiment in philosophizing about existence itself."14

جماليات ۽ فن جو اهوئي معراج آهي تہ هيگل چوي ٿو تہ ائين ڪو حقيقي وجود بہ پاڻ کي بيان نہ ٿو ڪري سگھي، جهڙيءَ ريت فن ان کي بيان ڪري ٿو.

"No real existence expresses the ideal as Art does. Thus the human mind is able to give to that which it draws out of itself a perpetuity that the perishable existences of nature do not possess."15

هو اڃا وڌيڪ چوي ٿو:

"The highest verity in Art consists in that the spirit has arrived at the mode of existence which suits best the essential idea of the spirit itself."16

شاھ لطيف کي جيڪڏهن وجوديت جي پئمانن تي پرکيو وڃي تہ معلوم ٿيندو تہ هو 'وحدت الوجود' جو تمام وڏو مبلغ ۽ ڄاڻو آهي. وحدت الوجود ۽ مذهبي وجوديت جو جيڪڏهن گهرائيءَ سان ڇيد ڪيو وڃي تہ ٻنهي ۾ حيرت جي حد تائين هڪجهڙائي ملندي. پاسڪل جو چوڻ هو تہ، عقل وسيلي حقيقت(خدا) جو ادراڪ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ممڪن نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ عقل خود جذبي ۽ وجدان جو محتاج آهي. جڏهن تہ شاهہ لطيف فرمائي ٿو:

مُنهن مِحرابُ پِرِينءَ جو، جامِع سَڀ جهانُ،
ڏامِي ڏاتِ وِيو، عَقُل ۽ عِرفانُ،
سَيوئِي سُبحانُ، ڪاڏي وڃي نِيَتيان.
(رامڪلي، 5/5)

ڪريڪيگارڊ جو چوڻ هو تہ انسان صرف خدا جي بارگاهہ ۾ ٿي رهي سگهي ٿو، پر ان بارگاهہ ۾ رهڻ لاءِ لازمي آهي تہ هو پنهنجن گناهن جو اعتراف ڪري، ڇاڪاڻ تہ ان احساس هيٺ ئي هو مذهبيت جو جذبو بيدار ڪري سگهي ٿو. جڏهن تہ شاهہ لطيف چوي ٿو:

تُون سَپُرِن، آءٌ سيڪڙو، تُون ڏاتارُ، آءٌ ڏوهُ،
تُون پارِسُ، آءٌ لوهُ، جي سَچِين تہ سوَنُ ٿِيان.
(پرياتي25/1)

ڪريڪيگارڊ وانگر شاهہ لطيف جون سورميون بہ پاڻ کي هر وقت نهٽائي، نماڻائي ۽ خطا جي احساس ۾ رکن ٿيون.

ڏاتِ ڪِيرتِ وارا ڪيترا، ڪِيرتِ ڪبو ڪوهُ؟
جيڪِي بندو ڪمُ ڪري، سو مِڙوئِي ڏوهُ،
تون پارِسُ، آءٌ لوهُ، جي سَچِين تہ سوَنُ ٿِيان.
(پرياتي، 8/1)

ول ڊيورانٽ چوي ٿو:

"اسان صرف ڪچو مال آهيون، ائين چئجي تہ هڪ عمارت جون سرون! اسان عمارت جو تاجي پيٽو نٿا ڏسي سگهون، اسان صرف تخليق جي ڪجھ اذيت ڀرين گهڙين ۾ خدا کي محسوس ڪريون ٿا."17

ساڳيو ئي جز ۾ ڪل ۽ ڪل ۾ جز وارو تصور! جنهن لاءِ شاهہ لطيف فرمائي ٿو:

جُز وِڇايو جوڳِئين، ڪُل سين آهين ڪمُ،
آسَڻ جِن عَدمُ، آءٌ نہ جِيئندِي ڏِن ري.

(رامڪلي، 35/1)

سارتر جي نظرئي “انسان دوستي ئي وجوديت آهي” تي زبردست اعتراض واريندڙ اخلاقيات ۽ وجوديت جي جديد نقاد ميري وارناڪ وجوديت بابت چوي ٿي:

“The appeal of Existentialism is largely practical and the people have been fascinated by it because they actually want to put its principles of individual freedom into practice in society.”

ڏٺو وڃي ته ڪنهن به نظرئي جو اصل تصور ۽ تصرف اهوئي هجڻ گهرجي ته ان مان انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ ڪو ڪٽ تيل نڪري. انسان ذات جي ڀلي ۽ آجپي لاءِ بحيثيت سماجي ۽ ادبي تحريڪ وجوديت جو پڻ هڪ تمام وڏو ڪردار آهي، ڇاڪاڻ ته يورپ ۾ وجوديت جي تحريڪ عالمي ويڙهه جي خوفناڪ تباهڪارين جي رد عمل طور سامهون ايندڙ سڀ کان وڏي ۽ طاقتور تحريڪ هئي. ُ ل جي پٽرنامي ۾ انسان ذات جي ڀلائي ۽ آجپي جا سيئي اهي عنصر موجود هئا جيڪي هڪ انسان دوست سماج لاءِ گهربل سمجهيا وڃن ٿا. نتيجي طور سارتر جهڙي عظيم فيلسوف وجوديت جي تحريڪ کي انسان دوستيءَ جي نالي سان سڏيو. سارتر بنا هٻڪ اهو اظهار ڪيو ته، وجوديت ئي اهو نظريو آهي جيڪو انساني زندگيءَ کي ممڪن بڻائي ٿو.

“Existentialism is a doctrine that does render human life possible, a doctrine also which affirms that every truth and every action imply both an environment and human subjectivity.”19

شاهه لطيف جيڪو انسان ذات سان بيپناهه پيار ڪري ٿو، ان جي شاعريءَ جو اصل محور ۽ مرڪز ته آهي ئي پيار، محبت ۽ انسان دوستي. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

ڪُوڙ ڪماءِ مَ ڪُچ ُ لَـي اوِرَ ﷲ سيـن،
ڪُڏُ تون ڏـا دِل مان، صاحِبَ وٽـي سَـچ،
مُحبـتَ سـندو مَـنَ ۾، ماڙِڪ! ٻـارج مَـچ،
اِن پِرُ لِـيَ لَـچ، تـه سَـودو ٿِـئيِـي سَـڦرو.
(سريراڳ 9/1)

شاهه لطيف جو وجودي فلسفو گهڻ رخو آهي. هو هڪ پاسي انسان دوستيءَ جي ڳالهه ڪري جديد وجوديت جي پٺڀرائي ڪري ٿو ته ٻئي پاسي وحدت ۽ ڪثرت جي هيڪڙائيءَ جي ڳالهه ڪري وحدت الوجود جي فلسفي جو سُٽ سلجهائي ٿو:

وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

حُق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻِـيءَ مَ ڀُل،
هُو هُلاچو هُل، ٻِاالله سندو سڄڻين.
(ڪلياڻ 18/1)

The Art World (فن جي دنيا) ڪتاب ۾ موجود مضمون: THE AESTHETIC IDEAL SKETCH OF A PHILOSOPHY OF BEAUTY جو ليک ROUSSEL- DESPIERRES چوي ٿو ته، جيڪڏهن خدا موجود آهي ته اسان ان جا ايٽم (ذرڙا) آهيون.

"If God exists, we are atoms of that, almost infinite Being and without doubt among such atoms those who think do exercise an action upon the evolution of God."20

پر شاهه لطيف "جيڪڏهن خدا موجود آهي!" جي شڪ واري صورتحال کان مٿاهون ٿي، خاطريءَ سان فرمائي ٿو :

پاڻِهن پسي پاڻ کي، پاڻِهن محبوب،
پاڻِهن خلقي خُوب، پاڻِهن طالب تن جو.
(ڪلياڻ 20/1)

اهو شاهه لطيف جي شاعريءَ جو وجودي جمال ئي آهي جو جڏهن به اها شاعري ٻُڌجي ٿي ته ٻڌندڙ بيخود ٿي، ڳائيندڙ سان گڏجي اهي لفظ ورجائي ٿو ۽ سندس مڪمل وجود جي جسماني چرپر ان موسيقيءَ سان هم آهنگ ٿي جهومڻ لڳي ٿي. خوبصورت موسيقيءَ جي تاثر ۽ ان ساڳي ڪيفيت کي هيگل جهڙو ڏاهو هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو.

"In Music, it is not so much our whole complex being that is taken hold of, as our simple Ego. The centre of our spiritual existence which is put in movement, (and when this is done our whole being sometimes responds, and trembles with it.) Thus, in musical fragments easy to follow, and in which the rhythm is strongly marked; we feel the impulse to mark ourselves the measure, or to mingle our own voice with the melody."21

شاهه لطيف جي ڪلام ۾ موسيقي ۽ خوبصورت شاعري هڪٻئي ۾ ائين گڏيل آهن جو انهن جو سهڻو ميلاپ، پنهنجي جمالياتي رس سان ٻڌندڙ توڙي پڙهندڙ کي، پنهنجي موسيقي ۽ لفظن جي حسين ۽ خوشبوءِ سان تمتار حصار ۾ آڻي بي خود ڪري ڇڏي ٿو.

سونَ وَرنِيُون سوڍِيُون، رُپي راندِيُون ڪنِّ،
ڳَرَ اوطاقنِ ۾، ڪُتُوريون ڪُٽنّ،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اوتِيائون عبيرَ جا، متي طاقَ تَڙِنّ،
ٻاڻِ ٻيلون ٻَڌيون، پِسيو سُونَهن سَڙِنّ،
ڏِيا لاهوتيَ لطِيفُ چئي، پَسَڻ لئہ پِرِ ٻَرِينّ،
اِجهي ڏا اچِنّ، ڪاڪِ ڪڪوريا ڪاپڙي.
(مومل راڻو، 3/3)

سونهن سان ازلي لڳاءُ انساني روح جي خمير ۾ شامل آهي، پر اهو جذبو ان مهل وڌي ويجهي ٿو جڏهن انسان دنيا ۾ ان جا مختلف منظر ۽ مظهر حرڪت ڪندي ڏسي ۽ محسوس ڪري ٿو ۽ سونهن طرف ڇڪجي اچي ٿو. اها ازلي سونهن جي ڪشش يا ڇڪ ئي آهي جو انسان پاڻ جهڙن ٻين انسانن سان پيار ڪري ٿو ۽ اها ئي وجوديت آهي. ان ڪري ئي سارتر جهڙي ڏاهي "انسان دوستي ئي وجوديت آهي" جو فلسفياڻو نقطو پيش ڪيو. ڇاڪاڻ تہ سونهن انسان جي روحاني خمير ۾ رچيل آهي ان ڪري هو جتي بہ سونهن پسي ٿو، ان طرف مائل ٿئي ٿو. سونهن ڏانهن مائل ٿيڻ اصل ۾ پنهنجي پاڻ ڏانهن مائل ٿيڻ جي مصداق آهي.

"Beauty is the basis of the human soul; it appears when one tries to conceive the signification of the infinite desires which move the world, like the supreme aspiration of universal existence."22

شاهہ سائين پڻ پنهنجي محبوب جي سونهن لاءِ حيران ڪندڙ تصور پيش ڪري ٿو. سندس محبوب جي سونهن جي اڳيان؛ مينهوڳي مند جي سونهن جي ڪا وقعت ئي نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن سندس محبوب ٻوءِ/تر ۾ اچي ٿو تہ سوين سارنگ ٿي ٿا پون:

اَگهر اِيئن نہَ لڳہ جهڙو پَسُڻ پرينءَ جو،
سيَڻِ رِيءَ سَيَّد چئي، رُوح نہ رچِن رَنگ،
سَهسين ٿِيا سارنگہ جاني آيو ٻُوءِ ۾.
(سارنگ 3/1)

پنهنجي عظيم ادراڪ جي ڪري شاهہ صاحب ماورائي توڙي حقيقي جماليات جي انهن سرحدن تي بيٺل نظر اچي ٿو، جتي جماليات جا جديد ڏاها بہ هٿوراڙيون هڻندي محسوس ٿين ٿا. هو انهن ڪيفيتن جو اهڃا تائين چڱيءَ ريت اظهار نہ ڪري سگهيا آهن، جن جي گهرائي اڄ ڪان لڳ ڀڳ ٽي صديون اڳ شاهہ صاحب پنهنجي

عظيم دستاويز (شاهه جو رسالو) ۾ بيان ڪري ويو آهي. هو جڏهن چوي ٿو:

ڪوڙين ڪاياٽون ُتنهنجيون، لَکنَ لک هزارَ،
جِيُءَ سيڪنهن جيءَ سين، َورسن ڏارون َڌارَ،
پِرِيَمِ تنهنجا پارَ، ڪهڙا چِئِي ڪيئن ُچوئان.
(ڪلياڻ 24/1)

تڏهن وجودي فلسفو پنهنجن سمورن ڏاهن سوڏو ان ڪيفيت تي حيران نظر اچي ٿو. شاهه صاحب پنهنجي وجودي جماليات ڪي مڪملتا (totality) ۾ ڏسي ٿو. اهوئي سبب آهي جو رومانوي توڙي جمالياتي فڪر سندس سٽن جي طابع نظر اچي ٿو. هو سونهن جي لامحدود وسعتن جو داعي ۽ پيشڪار آهي، جنهن جي شاعري ۾ سونهن پنهنجي مڙني سينگارن سان مرڪندي نظر اچي ٿي. توڙي جو هو سونهن جو صحيح پيشڪار آهي، پر پوءِ به چوي پيو ته ُسپرين جي سونهن جي ڪاحد نه آهي.

لوچان ٿِيي لاحد ۾، هادِيءَ لهان َنه حدُّ،
ُسپيرِيان جي ُسونُهن جو، َنڪو َقدُ َنه مدُّ،
هِتِ سِگهڻ بي عددُ، ُهتِ پِرِينءَ پِرواهه ناهِه ڪا.
(آسا 1/1)

"There was a widespread, metaphysical desire among the Romantics to apprehend the mysterious beauties of existence which defined rational explanation, and to communicate them through art. This gave rise to the longing for an 'ideal' of some kind which characterized much artistic production of the Romantic period.(23) "

رومانوي شاعرن توڙي فيلسوفن وٽ وجود جي نه ڪٿندر سونهن ڪي پرکڻ لاءِ ڪيتري به مابعدالطبيعاتي خواهش ڇو نه هجي ۽ هنن ان ڪي عقل جي بدران تخيل جي فڪري اڏام وسيلي ابلاغ ۾ آندو هجي، پر پوءِ به هو شاهه صاحب جي هن عظيم آفاقي ۽ وجودي سونهن سان سرشار سٽن جو مقابلو نٿا ڪري سگهن. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

پاڻِهن جَلّ جلالهٗ، پاڻِهن جانِ جمالُ،
پاڻِهن صورت پِرِينءَ جي، پاڻِهن حُسن ڪمالُ،
پاڻِهن پِير ُمريد ٿئي، پاڻِهن پاڻ خيالُ،
سڀ سيوئي حالُ منجهان ئي معلوم ٿئي.
(ڪلياڻ 19/1)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## نتيجو:

وجوديت جي فلسفي کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. ڪجهہ ڏاهن انهن حصن کي دينيءَ لاديني وجوديت جي اصطلاحن سان تعبير ڪيو آهي، پر جيڪڏهن وجوديت جي تصور کي مذهبي دائري کان ٻاهر ڪڍي ڇيد ڪجي تڏهن بہ ان جو تصور واضح ٿي بيهي ٿو. هڪڙن ڏاهن (سارتر، سائمن ڊي بوار، نتشي ۽ ڪنهن حد تائين شاپنهار) جو خيال آهي تہ انساني وجود جوهر تي مقدم يا برتر آهي. هنن جو چوڻ آهي تہ جوهر جي ڀيٽ ۾اصل فضيلت ۽ اهميت وجود کي آهي. خاص طور سارتر جو چوڻ آهي تہ انسان پاڻ کي وجودي وارداتن وسيلي سڃاڻي ٿو. ۽ پوءِ پنهنجي لاءِ پاڻ راهہ طئي ڪري ٿو. جڏهن تہ پاسڪل، جيسپر، مارسل، ڪريڪيگارڊ وغيره (هيگل ۽ ڪانٽ جا خيال پڻ لڳ ڀڳ ساڳيا آهن) جو چوڻ آهي تہ انساني وجود اڻپورو ۽ ڪٽل آهي، انساني وجود صرف وجودِ مطلق (خدا) سان لاڳاپو جوڙي پاڻ کي مڪمل ڪري سگهي ٿو. اڻ سڌي طرح ديني وجودين جو اهو تصور صوفياڻي وحدت الوجود سان هڪجهڙائي رکي ٿو.

جماليات وجوديت ۾ ٻن طرحن سان شامل آهي. هڪ پاسي لاديني وجودي ڏاها ۽ اديب جيڪو ادب تخليق ڪن ٿا؛ اهو جماليات جي لاءِ هڪ تمام وڏي وٿ جي حيثيت رکي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ادب کي بنيادي طور انسان جي غير مشروط جمالياتي سرگرمي مڃيو ويو آهي. نتيجي طور وجودي اديب جيڪو بہ ادب تخليق ڪن ٿا؛ اهو جماليات جي زمري ۾ اچي ٿو، جنهن ۾ داخلي توڙي خارجي سونهن جا تصور شامل آهن. ٻئي پاسي فرد جڏهن پاڻ کي ڪنهن ماورائي سگهہ سان سلهاڙڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ سامهون ايندڙ تصور هڪ جمالياتي تصور آهي. ڇاڪاڻ تہ وجود مطلق (خدا) پنهنجي جاءِ تي ماورائي سونهن يا حسنِ ڪُل آهي. ۽ ان حقيقت کي ديني وجودي ڏاها توڙي وحدت الوجود جا پيروڪار صوفي بنا شرطن جي مڃين ٿا.

نتيجي طور جماليات هڪ اهڙي فڪري ڌارا طور سامهون اچي ٿي، جنهن ۾ ديني توڙي لاديني وجودي ڏاها شامل ٿين ٿا. ٻنهي جي نظرين ۾ ڪي اختلاف ضرور موجود آهن، پر جماليات جي پيرائي ۾ ٻئي هڪٻئي سان گڏ بيٺل نظر اچن ٿا. يعني اسان چئي سگهون ٿا تہ وجودي جماليات هڪ اهڙو آبشار آهي، جنهن جي تضادن جي وچ ۾ بہ سونهن جو وهڪرو شانائتي انداز ۾ وهندڙ آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهه لطيف جو جمالياتي شعور انتهائي عميق ۽ عظيم آهي. هو وجودي جماليات جو اهڃو پيشڪار آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ فرد پنهنجي جمالياتي رجحان ۽ سڪ وسيلي مطلق هستيءَ سان جڙيل رهي ٿو. شاهه صاحب وٽ ازلي سگهه (خدا) جي سونهن جو هڪ اهڃو تصور آهي، جنهن ۾ ڪائنات جي سونهن ۽ جمال گڏ بيٺل آهن. يعني شاهه صاحب جي شاعري پڙهندي توڙي ٻڌندي فرد پاڻ کي خدا جي ويجهو محسوس ته ڪري ٿو، پر ڪجهه صورتن ۾ هو پاڻ کي خدا جي بي انتها جمال ۾ گم ٿيندي/ٻڏندي محسوس ڪري ٿو. اها ساڳي ڳالهه معروف وجودي فيلسوف ڪريڪيگارڊ ۽ ڪنهن حد تائين هيگل ۽ ڪانٽ ڪن ٿا.

## حوالا


1. قیصر الاسلام، قاصی، 'فلسفے کے بنیادی مسائل '، نیشنل بک فاونڈیشن، چھٹا ایڈیشن، 2008ع، ص: 107۔
2. ساڳيو حوالو، ص: 109.
3. http://plato.stanford.edu
4. Richard Rorty, `Mirror of Nature`, Princeton University Press, Princeton, New Jersey P:366.
5. Jostein Gaarder, ‘Sophie’s World ’,Phoenix house, 1995, P:378.
6. روايات فلسفه، علي عباس جلالپوري، تخليقات لاهه 2010ع، ص: ور، 117.
7. ساڳيو حوالو، ص: 158.
8. Fee-Alexandra Haas, ‘Beauty and Aesthetics’, P: 44.
9. Haim Gordon, (Editor), ‘Dictionary of Existentialism’, Green Wood Publishing Group, 1999, P:1.
10. Fee-Alexandra Haas, ‘Beauty and Aesthetics’, P: 44.
11. Gray Gutting (Editor), ‘Continental Philosophy of Science’, Blackwell Publishing Ltd. 2005, P:142.
12. Syed Alam Shah, ‘Conception of time and being in the transcendent philosophy of Mullah Sadra’, Journal of Social Sciences and Humanities, University of Karachi, Vol.50, Jan-June, 2011, P:143.
13. http://plato.stanford.edu
14. Fee-Alexandra Haas, ‘Beauty and Aesthetics’, P: 141.
15. Jhon Stein Fort Kedeney S.T.D., Edited by George Morris, ‘Hegal’s Aesthetics’, Chicago S.C. Griggs and company, 1885, P:8.
16. Ibid. P:24.
17. ولڈیورانٹ، ترجمہ: محمد اجمل، 'نشاط فلسفہ '، فکشن ہاؤس لاہور، 1995ع، ص: 473۔
18. Mushtaq Ahmed,Sheikh ,Dr. ‘Existential Aesthetics’, Atlantic Publishers and Distributors, New Delhi, 1991, P:14.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

19. Ibid.
20. The Art World, Vol.-1, No.3 (Dec.,1916), P:224.
21. Ibid, P:252, 53.
22. The Art World, Vol.-1, No.3 (Dec.,1916), P:224.
23. Paul Smith and Carolyn Wilde, A companion to Art theory, P:152.

(نوٽ: مقالي ۾ ڪتب آندل شاهه لطيف جا بيت، غلام محمد شاهواڻي جي مرتب ڪيل ‘شاهه جو رسالو’ تان کنيا ويا آهن. هي نسخو سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي پاران 2005ع ۾ ڇپيو ويو آهي.)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair